# ايصال ثواب
## جون
# برڪتون

13-Apr-2017

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

**For Islamic Brothers**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# ايصال ثواب جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

حُجَّة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيدُنا حسن بصري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي هڪ عورت عرض ڪيو: منهنجي جوان ڌيءَ فوت ٿي وئي آهي ڪو طريقو ارشاد فرمايو جو مان ان کي خواب ۾ ڏسي وٺان. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان کي عمل ٻڌايو. ان پنهنجي مرحومہ ڌيءَ کي خواب (Dream) ۾ هن حالت ۾ ڏٺو جو اُن جي بدن تي تارڪول (يعني ڏامر) جو لباس، ڳچيءَ ۾ زنجير ۽ پيرن ۾ زنجيرون آهن! هُن هي خواب حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ٻڌايو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ٻڌي ڏاڍا غمگين ٿي ويا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه خواب ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي ڏٺو. جيڪا جنّت ۾ هئي ۽ ان جي مٿي تي تاج هو. ان چيائين: ڇا اوهان مون کي نہ سڃاتو، آءٌ انهيءَ عورت جي ڌيءَ آهيان،

جنهن اوهان کي منهنجي حالت ٻڌائي هُئي، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايو: کهڙي سبب آئون اوهان جي حالت بدليل ڏسي رهيو آهيان؟” مرحوم چوڻ لڳي: قبرستان جي ويجهو کان هڪ شخص گذريو ۽ هُن نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف موڪليو، ان جي درود شريف جي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ اسان 550 قبر وارن تان عذاب ڪٽي ورتو. ( مکاشفة القلوب، الباب السابع، ص ۲۴ بتغير قليل)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رَحمٰن ہے ترا یاربّ!

بے سبب بخش دے نہ پوچھ عمل نام غفّار ہے تِرا یاربّ!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّن عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

ٻه مدني گُل: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا پيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجھڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذکُرُوالله. تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن

جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! درود شريف جي فضيلت بابت جيڪا حڪايت اسان ٻڌي، ان مان اِيصالِ ثواب جي اهميت واضح ٿئي ٿي ته هڪ ڇوڪريءَ انتهائي درد ناڪ حالت ۾ عذاب جو شڪار هئي ته جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ ٻانهي گذرندي حُضُور سراپا نور، فيضِ گنجور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مُقدَّسہ تي دُرُودِ پاڪ موڪليو ۽ ان جو ثواب قبرستان وارن کي بخش ڪيو ته نہ رڳو ان ڇوڪريءَ کي عذاب مان نجات ملي بلڪ مزيد سوين قبر وارن کي عذاب مان رهائي نصيب ٿي. ٿورو سوچيو ته اسان جو ربّ عَزَّوَجَلَّ ڪيتري قدر مهربان آهي جو ان نہ رڳو هڪ پيري دُرُود شريف جي برڪت سان سوين مُردن جي بگڙي بڻائي ڇڏي ته جيڪي مسلمان ڪثرت سان درود ِپاڪ پڙهڻ ۽ نيڪين جو ثواب مسلمان مرحومن کي موڪلڻ جو عادي هوندو ته الله تعاليٰ اِيصالِ ثواب ڪرڻ واري ۽ جنهن کي ثواب موڪليو ويو انهن سينئي تي اِنعام و اڪرام جي ڪهڙي بارش ڪندو. تنهنڪري اسان کي بہ کپي ته اِيصالِ ثواب جي معاملي ۾ سُستي ڪرڻ بدران وقتاً فوقتاً دُرودِ پاڪ ۽ نيڪين کان حاصل ٿيڻ وارو ثواب موڪليندا رهون، انهن جي لاءِ دُعاءِ مغفرت ڪندا رهون ڇوته هي هڪ اهڙو جائز عمل آهي جو جنهن جي برڪت سان مسلمان مرحومن سان گڏوگڏ زِنده ماڻهن کي بہ فائدو ٿيندو آهي، حضرت علامہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اَعظميرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اِيصالِ ثواب يعني قرآنِ مجيد يا دُرُود شريف يا ڪلمہ طيبہ يا ڪنهن نيڪ عمل جو

ثواب ٻين کي پهچائڻ جائز آهي.عبادتِ ماليہ يا بَدَنيہ (مالي عبادت جيئن صدقہ وخيرات ۽ بَدَني عبادت جيئن نماز روزه وغيره)، فَرض ونفل سڀني جو ثواب ٻين کي بخش ڪري سگهجي ٿو، جوتہ زِندهہ ماڻهن جي اِيصالِ ثواب سان مُردن کي فائدو پهچندو آهي. (بهارِشريعت، ٣/ ٦٤٢) ياد رکو! مَرحُومن جي لاءِ مَغفرت ۽ رحمت جي دعا ڪرڻ بہ اِيصالِ ثواب ئي جو هڪ قسم آهي جيئن ملڪ العُلَماء حضرت علامہ ظفر الدين بهاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اِيصالِ ثواب جا چار(4) طريقا آهن: (1) دُعاءِ مغفرت (2) دُعاءِ رحمت (3) جنازي نماز (4) قبر تي ترسڻ ۽ دعا ڪرڻ. (دورِ صحابه ۾ اِيصالِ ثواب ڪي مختلف صورتين، ص۴۵)

قرآنِ ڪريم ۾ اِيصالِ ثواب ڪرڻ جو هڪ طريقو يعني مؤمنين جي لاءِ دعاء مغفرت ڪرڻ جو ثبوت واضح طور تي موجود آهي، جيئن سيپاري 28 سوره حشر آيت نمبر 10 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ الَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَ لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ،

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اهي جيڪي انهن ڪان پوءِ آيا عرض ڪن ٿا، اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ اسان کي معاف فرماءِ ۽ اسان جي ڀائرن کي، جن اسان کان اڳي ايمان آندو ،

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: هتي ہِ مسئلا معلوم ٿيا هڪ اهو صرف پنهنجي لاءِ دعا نہ ڪري، بزرگن جي لاءِ بہ ڪري ٻيو هي تہ بُزرگانِ دِين خصوصاً صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت جا عُرس، ختم، نياز فاتحہ وغيره هي اعليٰ شيون آهن چاڪاڻ تہ اِن ۾ اُن بزرگن جي لاءِ دعا آهي. (تفسير نورالعرفان،۲۸/۸۶۳)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان جيستائين دُنيا ۾ رهي ٿو ان جي آس پاس ان جا وَالِدين، ڀيڻ ڀاءُ، زال مڙس، دوست، عزيز وغيره موجود هوندا آهن جيڪي ان جي هر ڏُک درد ۽ آزمائشن ۾ ان سان گڏ رهندا آهن ۽ ان جو غم هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، بيمار هجن ته بيمار پُرسي (يعني عِيادت) به ڪندا آهن، پر جڏهن اهو انسان تنگ ۽ اونده قبر ۾ وڃي پهچي ٿو ته ان جا والدين، نه ڀيڻ ڀاءُ، نه اهل وعيال ۽ نه دوست احباب ان سان گڏ هوندا آهن بلڪ هو قبر ۾ اڪيلو هوندو آهي. قبر ۾ وڃڻ کان بعد ان تي جيڪا گذري ٿي ان جو حال ته هو پاڻ ئي وڌيڪ بهتر ڄاڻي ٿو.

حديثِ پاڪ ۾ قبر جي حقيقت بيان ڪندي مڪي مدني سلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: اَلْقَبْرُ رَوْضَةٌ مِنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ، اَوْ حُفْرَةٌ مِنْ حُفَرِ النَّار يعني بيشڪ قبر جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي يا جهنم جي کڏن مان هڪ کڏ. (ترمذي، الحديث٢٤٦٨، ج٤، ص٢٠٨) هاڻي جيڪو قبر ۾ موجود آهي ته اسان کي ان جي باري ۾ معلوم ناهي ته قبر ان جي لاءِ جنت جو باغ ثابت ٿي هوندي يا مَعَاذَ الله عَزَّ وَجَلَّ جهنم جي کڏ بڻي هوندي. پر اسان کي هڪ مسلمان سان خير خواهي جو جذبو رکندي ان جي لاءِ اِيصالِ ثواب جي عادت بنائڻ گهرجي. اُمُّ الْمُؤمنين حضرت سيِّدتُنا عَائِشہ صِديقہ رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي ته رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم فرمايو: سڱ وارو دنبو آندو وڃي جيڪو اونده ۾ هلندو هجي، اونده ۾ ويهندو هجي ۽ اونده ۾ ڏسندو هجي (يعني ان جا پير ڪارا هجن ۽ پيٽ ڪارو هجي ۽ اکيون ڪاريون هجن) اهو قرباني جي لاءِ حاضر ڪيو ويو ته حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "عائشہ ڇُري آڻ ۽ ان کي پٿر تي تيز ڪري وٺ، پوءِ حضور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇُري ورتي ۽ دُنبي کي ليٽائي ان کي ذبح ڪري ڇڏيو. پوءِ ارشاد فرمايائون: يا الله عَزَّوَجَلَّ تون ان

www.dawateislami.net

ڪي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ سندن آل ۽ اُمَّت جي طرفان قبول فرما.
(مسلم"،ڪتاب الأضاحي،باب إستحباب إستحسان الضحية...إلخ، الحديث: ١٩ـ(١٩٦٧) ص٨٣٧.)

مشهور مُفَسّرِ قرآن، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني قرباني جي ثواب ۾ انهن کي بہ شريڪ فرمائي ڇڏ. ان مان معلوم ٿيو تہ پنهنجي فرضن ۽ واجبن جو ثواب ٻين کي بخشي سگهون ٿا، ان ۾ ڪمي نٿي اچي سگهي، اها حديث ڪاڏو اڳيان رکي اِيصالِ ثواب ڪرڻ بابت قوي دليل آهي جوتہ دنبو اڳيان آهي ۽ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ان جو ثواب پنهنجي آل ۽ اُمّت کي بخشي رهيا آهن. (مرآة المناجيح،٣٦٨/٢)

حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمحضرت سيدتنا خديجہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو اڪثر تذڪرو ڪندا هئا ۽ بعض اوقات ٻڪري ذبح فرمائي ان جي گوشت جا ٽڪر ڪندا هئا ۽ اُمُّ المومنين حضرت خديجہرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي ساهيڙين جي گهر موڪليندا هئا.
(بخاري، الحديث: ٣٨١٨،ج٢،ص٥٦٥)

مفتي احمد يار خان نعيميرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اڪثر حضورِ انور(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) حضرت خديجہ(رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) جي طرفان ٻڪري قربان ڪندا هئا انهن کي ثواب پهچائڻ جي لاءِ ان جو گوشت انهن جي ساهيڙين ۾ ورهائيندا هئا. هن حديث مان ڪجهہ مسئلا معلوم ٿيا: (1) ميت جي طرفان قرباني ڪرڻ جائز آهي. (2) ميت کي صدقي ۽ خيرات جو ثواب بخشڻ سنت آهي. (3) ميت جي نالي جو ڪاڏو ان جي پيارن دوستن کي ڏيڻ بهتر آهي، ان سان ميت کي ڊبل خوشي ٿيندي آهي هڪ ثواب پهچڻ جي ٻي ان جي دوستن پيارن جي امداد ٿيڻ جي. (مرآة المناجيح،٤٩٦/٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ زندهہ ماڻهن جو مُردن بلڪ جيڪي

www.dawateislami.net

ماڻهو پيدا ٿي نہ ٿيا انهن جي لاءِ بہ اِيصالِ ثواب ڪرڻ نہ صرف جائز بلڪل سنت مان ثابت آهي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ کاڌو وغيره اڳيان رکي اِيصالِ ثواب ڪرڻ بہ جائز عمل آهي. ياد رکو! اِيصالِ ثواب جو اهو سلسلو صرف سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات تائين ئي محدود ناهي بلڪ سندن صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي احوال زندگي تي نظر وجهڻ سان اها حقيقت واضح ٿي ويندي تہ اهي حضرات بہ مرحومن کي اِيصالِ ثواب ڪرڻ جا مختلف انداز اختيارڪندا هئا. جيئن

حضرتِ علامہ جلالُ الدّين سُيوطِي شافِعِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا تہ صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ست (7) ڏينهن تائين مري ويلن جي طرفان کاڌو کارائيندا هئا. (الحاوي للفتاوي، ٢/٢٢٣)

حضرتِ سيدُنا سعد بن عُباده رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه جي والده صاحبہ جو انتقال ٿيو تہ انهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي والده محترمہ جو منهنجي غير موجودگي ۾ انتقال ٿي ويو آهي، جيڪڏهن مان انهن جي طرفان ڪجهہ صَدَقو ڪيان تہ ڇا انهن کي ڪو فائدو پهچي سگهي ٿو؟ ارشاد فرمايائون: ها، عرض ڪيائون: تہ مان اوهان کي شاهد بڻائي چوان ٿا تہ منهنجو باغ انهن جي طرفان صَدَقو آهي. (بُخاري ج٢ص ٢٤١حديث٢٧٦٢) هڪ روايت ۾ آهي: حضرت سعد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه بارگاهِ رِسَالَت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي امڙ فوت ٿي ويون آهن تہ ڪهڙو صدقو انهن جي لاءِ بهتر آهي؟ فرمايائون، پاڻي، تہ اُنهن کوهہ کوٽايو ۽ چيائون: هَذِهِ لِأُمِّ سَعْدٍ هي کوهہ سعد جي ماءُ جي (اِيصالِ ثواب جي) لاءِ آهي. (سنن أبي داود"،كتاب الزكاة،باب في فضل سقي الماء، الحديث:١٦٨١،ج٢،ص١٨٠)

www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ اِيصالِ ثواب جي لاءِ ڏيڱون پچائڻ، مختلف قسم جا کاڌا تيار ڪرائڻ ۽ وڏي اهتمام سان ماڻهن کي سڏڻ ضروري ناهي بلڪ جيڪو کاڌو اسان روزانو کائون ٿا انهيء تي فاتحہ وغيره ڏياري پنهنجي مرحومن کي اِيصالِ ثواب ڪري سگهون ٿا ايستائين جو پاڻي جي ذريعي بہ مرحومن کي اِيصالِ ثواب ڪري سگهون ٿا بلڪ پاڻي تہ عظيمُ الشان صدقہ جاريہ آهي جيئن تہ

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ڪو صدقو پاڻي کان وڌيڪ اجر وارو ناهي. (شعب الايمان، باب في الزكاة، فصل في اطعام الطعام وسقي الماء،حديث: ٣٣٧٨،ج٣،ص٢٢١)

مشهورمفسرِ قرآن،حڪيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (ميت) جي طرفان پاڻي جي خيرات ڪريو ڇوتہ پاڻي سان دِيني دنيوي نفعا حاصل ٿيندا آهن، خاص ڪري ان گرم ۽ خشڪ علائقن ۾ جتي پاڻي جي ڪمي هجي، ڪي ماڻهو سبيلون لڳائن ٿا، عام مسلمان ختم، فاتحہ وغيره ۾ بين شين سان گڏ پاڻي بہ رکندا آهن انهن سڀني جو ماخذ اها حديث آهي ڇوتہ ان مان معلوم ٿيو تہ پاڻي جي خيرات بهتر آهي.

(مراة المناجيح، ٣/١٠٤ تا ١٠٥، ملتقطاً و بتغير )

شيخ طريقت،اميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي ”فاتحہ ۽ اِيصالِ ثواب جو طريقو“ صفحي نمبر11 تي فرمائن ٿا: سيدنا سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي انهي ارشاد ”اهو کوهہ اُمِّ سعد (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) جي لاءِ آهي“ جي معنيٰ اها آهي تہ هي کوهہ حضرت سيِّدُنا سَعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي ماءُ جي ايصال ثواب لاءِ آهي. هن مان خبر پئي تہ مسلمانن جو ڳئون ٻڪري وغيره کي بزرگن ڏانهن منسوب ڪرڻ مثال طور ائين چوڻ تہ ”هي سيدنا غوث پاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ٻڪرو

آهي“ هن ۾ ڪو حرج ناهي چوته هن مان مراد به اها آهي ته هي ٻڪر غوث پاڪ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن جي ايصالِ ثواب لاءِ آهي ۽ قرباني جي جانور کي به ته ماڻهو هڪ ٻئي ڏانهن ئي منسوب ڪندا آهن، مثلاً ڪو قرباني جي لاءِ ٻڪرو وٺي اچي رهيو هجي ۽ اوهان جيڪڏهن ان کان پڇيو ته هي ڪنهن جو ٻڪر وآهي؟ ته ان هن طرح جواب ڏنو ته ”منهنجو ٻڪر آهي“ يا ”منهنجي مامي جو ٻڪر آهي“ جڏهن اهو چوڻ واري تي اعتراض ناهي ته ”غوث پاڪ جو ٻڪرو چوڻ واري تي به اعتراض نه هئڻ گهرجي. حقيقت ۾ هر شيء جو مالڪ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ئي آهي ۽ قرباني جو ٻڪر هجي يا غوث پاڪ جو ٻڪر، هر جانور کي ذبح ڪرڻ وقت **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو نالو ورتو ويندو آهي، اسان کي **اللّٰه**تعالٰي وسوسن کان نجات بخشي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضورِ انور، شافع محشر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن جانثار صحابَہ ڪرام جي عمل مان ثابت ٿيو ته فوت ٿي ويل مسلمانن کي اِيصالِ ثواب ڪرڻ، انهن جي طرفان قرباني ڪرڻ ۽ ڪاڏو وغيره ڪارائڻ بلڪل جائز بلڪ بهترين ۽ پاڪيزه طريقو آهي. اعليٰ حضرت امام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: امواتِ مسلمين (يعني مرحومن) جي نالي تي ڪاڏو پچائي اِيصالِ ثواب جي لاءِ تَصَدُّق (يعني خيرات) ڪرڻ بيشڪ جائز ۽ مُستَحسَن (يعني پسنديده) آهي ۽ ان تي فاتحه سان اِيصالِ ثواب ٻيو مُستَحسَن (يعني پسنديده) آهي ۽ ٻين شين جو گڏ ڪرڻ زِيادتِ خير (يعني ڀلائي ۾ اضافو) آهي. (فتاويٰ رضويه،۹/۵۹۵) هر شخص کي افضل اهو ئي آهي ته جيڪو عملِ صالح (يعني جيڪي به نيڪ ڪم) ڪري ان جو ثواب اوّلين وآخِرين احياء واموات (يعني

www.dawateislami.net

سيدُنا آدم صَفِي الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام کان وني قيامت تائين ٿيڻ وارن ) تمام مؤمنين ومؤمنات جي لاءِ هديو موڪلي (يعني اِيصالِ ثواب ڪري)، سڀني کي ثواب پهچندو ۽ ان کي (يعني جنهن اِيصالِ ثواب ڪيو) انهن سڀني جي برابر اجر ملندو. (فتاويٰ رضويه،٩/٦١٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي معاشري ۾ اهو رواج آهي ته اسان زندگي ۾ مختلف موقعن تي هڪ ٻئي کي تحفا (Gifts) موڪلي پنهنجي دوستي يا رشتيداري کي وڌيڪ مضبوط ڪندا آهيون، جڏهن اسان جو موڪليل تحفو توڙي جو اهو معمولي قيمت جو هجي اسان جي عزيز يا دوست تائين پهچي ويندو آهي ته هو ان کي ڏسي خوش ٿيندو آهي پوءِ هو به اسان کي بدلي ۾ تحفو موڪلي پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو ثبوت ڏيندو آهي، پر جڏهن اسان جو اهو عزيز يا دوست فوت ٿي ويندو آهي ته تحفن جو اهو سلسلو به رُڪجي ويندو آهي. پر جيڪڏهن اسان چاهيون ته اِيصالِ ثواب جي صورت ۾ پهريان کان بهتر تحفا موڪلي ان جي خوشي جو سبب بڻجي سگهون ٿا. جي ها! اسان جو اِيصالِ ثواب مرحومن جي لاءِ تحفا بڻجي ويندا آهن جنهن کي ڏسي انهن کي بيحد خوشي محسوس ٿيندي آهي. جيئن ته

## مُردن جي لاءِ زندن جو تحفو

حضرت سيدُنا عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما بيان ڪن ٿا ته رسولِ خدا، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قبر ۾ مُردي جو حال ٻڏندڙ انسان جيان آهي جيڪو شدّت سان انتظار ڪندو آهي ته پيءُ يا ماءُ يا پٽ يا ڪنهن دوست جي دعا ان کي پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا ان کي پهچندي آهي ته ان جي ويجهو اها دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهه آهي سڀ کان بهتر هوندي

آهي. الله عَزَّوَجَلَّ قبر وارن کي ان جي زندھ واسطيدارن جي طرفان هدِيو ڪيل ثواب جبلن جي برابر عطا ڪندو آهي، زندھ جو تحفو مُردن جي لاءِ ”دعاءِ مغفرت ڪرڻ“ ۽ ان جي طرفان ”صدقو ڪرڻ“ آهي. (فردوس الاخبار،۲/۳۳٦، حديث: ٦٦٦۴)

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حديثِ پاڪ جي هن جملي (ميت قبر ۾ ٻڏندڙ فريادي جيان هوندي آهي) جي شرح ۾ فرمائن ٿا ته عام گنهگار مسلمان ته پنهنجي گناهن جي ڪري، خاص نيڪ مسلمان انهيءَ پشيماني جي ڪري ته اسان اجا وڌيڪ نيڪيون ڇو نه ڪيون، مخصوص محبوبَ پنهنجي جدا ٿيل پيارن جي ڪري اهڙا ٿيندا آهن. تازه ميت برزخ ۾ اهڙي هوندي آهي جيئن نئين ڪنوار ساهرن ۾ ڇوته جيتوڻيڪ اتي ان کي هر طرح جو عيش و آرام هوندو آهي پر ان جي دل مائٽن ۾ هوندي آهي، جڏهن ڪا سوغات يا ڪو ماڻهو مائٽن مان ايندو آهي ته ان جي خوشي جي حد ناهي هوندي، پوءِ نيٺ دل لڳي ويندي آهي. ظاهر هي آهي ته هتي ميت مان تازه ميت مراد آهي ڇوته ان کي زندھ جي تحفي جو گهڻو انتظار رهندو آهي ان ڪري نئين ميت کي جلد از جلد نياز، ٽيجهو، ڏهو، چاليهو وغيره سان ياد ڪن ٿا. زندھ کي ڪپي ته مُردن کي پنهنجي دعائن وغيره ۾ ياد رکن ته جيئن سياڻي انهن کي ٻيا مسلمان ياد ڪن. (مراة المناجيح،۳/۳۴۳ تا ۳۴۷، ملتقطا)

زندھ ماڻهن جو اِيصالِ ثواب فوت شُده ماڻهن کي تحفن جي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. اچو! هن باري ۾ ٻه ايمان افروز حڪايتون ٻڌون ٿا.

## نور جا تحفا

حضرت سيدُنا مالڪ بن دِينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته مان شبِ جُمُعه قبرستان ۾ ويس ته ڏٺو اتي هڪ نور چمڪي رهيو آهي، مون چيو: لَآ اِلٰهَ اِلَّااللهُ

www.dawateislami.net

ائين لڳي ٿو تہ الله عَزَّ وَجَلَّ قبرستان وارن جي بخشش ڪري ڇڏي آهي. ايتري ۾ مون کي پري کان هڪ غيبي آواز آيو: اي مالڪ بن دِينار! اهو مسلمانن جو پنهنجي فوت ٿيل ڀائرن جي لاءِ تحفو آهي. مون چيو: توهان کي ان جو واسطو جنهن توهان کي ڳالهائڻ جي سگهہ ڏني آهي! ڇا مون کي ٻڌائيندو تہ هي ماجرا ڇا آهي؟ ان چيو: اڄ رات هڪ مسلمان بيدار ٿي وضو ڪيو ۽ ٻہ رڪعت نماز پڙهي، جنهن ۾ ان سوره فاتحہ کان پوءِ (قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۙ ۽ قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ) جي تلاوت ڪئي پوءِ دعا گهري: اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان ان جو ثواب مسلمان مُردن کي پيش ڪيان ٿو. پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي اولهہ ۽ اوڀر ۾ روشني و نور ۽ خوشي و سُرُور داخل فرمائي ڇڏيو.

حضرت سيدُنا مالڪ بن دِينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ مون هر شبِ جُمُعہ ان جي تلاوت جي عادت بڻائي، هڪ رات پياري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ پنهنجي دِيدار سان مُشَرَّف ڪندي ارشاد فرمايائون: اي مالڪ بن دِينار! جيتري قدر نُور جا تحفا تو منهنجي اُمت کي ڏنا آهن، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي بدلي تنهنجي مغفرت فرمائي آهي تو کي بہ ان جو ثواب عطا فرمايو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جنّتي محل ۾ تنهنجي لاءِ هڪ گهر بڻايو آهي، جنهن کي مُنِيف چيو ويندو آهي. مون عرض ڪيو: اهو مُنِيف ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: جنّت وارن وٽ هڪ بلند مقام آهي. (شرح الصدور ،ص٣٠٦)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ريشمي رومالن سان ڍڪيل تحفا

حضرت سيدُنا بَشّار بن غالب رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: مان حضرت سيدَتُنا رابعہ بصريہ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيها جي لاءِ گهڻي دعا ڪندو هئس، هڪ رات مون انهن کي

www.dawateislami.net

خواب ۾ ڏٺو تہ هو فرمائي رهيون هيون، اي بشّار! توهان جا تحفا مون کي نُور جي ٿالن ۾ ريشمي رُومالن سان ڍڪي پهچايا ويندا آهن، جڏهن زنده ماڻهو فوت ٿي ويل ماڻهن جي لاءِ دعا ڪندا آهن تہ انهن سان ائين ئي ٿيندو آهي، انهن کي قبول ڪري نُور جي ٿالن ۾ رکيو ويندو آهي پوءِ ريشمي رُومالن سان ڍڪي ان ميت کي پيش ڪيو ويندو آهي جنهن جي لاءِ دعا ڪئي وئي هجي ۽ چيو ويندو آهي: فُلاڻي تو ڏانهن اهو تحفو موڪليو آهي.

(التذكرة للقرطبي ،باب مايتبع الميت الي قبره ،ص٨٦)

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ !الله عَزَّوَجَلَّ ڪيتري قدر مهربان آهي جو دنيا ۾ تہ پنهنجن ٻانهن تي لطف ۽ ڪرم جون بارشون فرمائي ٿو پر جڏهن ڪو مُسلمان فوت ٿي وڃي تہ زندهہ ماڻهن جي دعائن ۽ اِيصالِ ثواب جي برڪت سان مرحومن کي سڪون ۽ اطمينان جي دولت بخشي ٿو، اهو بہ معلوم ٿيو تہ اِيصالِ ثواب ڪرڻ وارن کان رسولِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ نهايت خوش ٿيندا آهن ۽ خوشخبرين سان نوازيندا آهن. ياد رکو! ڪنهن فوت ٿي ويل مسلمان جي لاءِ اِيصالِ ثواب ڪرڻ ظاهري تہ ننڍو عمل آهي، پر ان جون برڪتون تمام گهڻيون آهن پر افسوس تہ هاڻي اسان دُنيوي ڪمن ۾ ايتري قدر مشغول ٿي وياسين جو اسان وٽ پنهنجي مرحومن جي اِيصالِ ثواب يا انهن جي قبر تي وڃي فاتحہ خواني ڪرڻ جي لاءِ بہ وقت ناهي، ڪيتري افسوس جي ڳالهہ آهي جو اسان دنيوي ڪم تہ آساني سان سرانجام ڏيندا آهيون پر جنهن عمل ۾ اسان جو ۽ اسان جي مرحومن جو تمام گهڻو فائدو آهي ان کي اسان دُشوار سمجهون ٿا يا پوءِ اهميت ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ آهيون، بالفرض ڪنهن وٽ وقت آهي تہ ان کي اِيصالِ ثواب جو طريقو معلوم ناهي، پوءِ ان ڪم جي لاءِ بہ امام صاحب، مؤذن صاحب يا ڪنهن مذهبي شخص کي تلاش ڪيو ويندو آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي سلامت رکي، جنهن

www.dawateislami.net

اسان جهڙن ماڻهن جي رهنمائي جي لاءِ مختلف موضوعن تي ڪتاب ۽ رسالا تحرير ڪيا آهن تہ جيئن اسان انهن جي مطالعي جي ذريعي پنهنجي دِيني ۽ دُنيوي معمولات کي سنتي طريقي سان ادا ڪري سگهون.

## رسالو "فاتحہ ۽ اِيصالِ ثواب جو طريقو" جو تعارف

جيڪڏهن ڪنهن کي فاتحہ ۽ اِيصالِ ثواب جو طريقو نٿو اچي تہ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي، مڪتبة المدينہ تان شيخِ طريقت،اميرِ **اَهلسُنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو **"فاتحہ ۽ اِيصالِ ثواب جو طريقو"** هديةً حاصل ڪري ان جو مطالعو ڪريو. جنهن ۾ بي گهڻي معلومات سان گڏوگڏ اِيصالِ ثواب جو طريقو بہ موجود آهي. هن رسالي کي پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. خاص ڪري **اِيصالِ ثواب جي اجتماعات** (مثال طور، ڏهو، چاليهو، ورسِي ٻارهو وغيره) ۾ مرحومن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ هن رِسالي کي ورهايو، اهو رِسالو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ کپي تہ پنهنجي آخرت بهتر بنائڻ جي لاءِ گناهن کان بچندا رهون، خوب خوب نيڪيون گڏ ڪريون ۽ پنهنجي ٻارن کي بہ نيڪين جي ترغيب ڏياريون، انهن کي بہ نيڪ نمازي بڻايون چوتہ اولاد کي نيڪ بنائڻ، انهن کي علمِ دين جي زيور سان آراستہ ڪرڻ ۽ انهن جي شريعت جي مطابق مدني تربيت ڪرڻ سان والدين کي جتي گهڻا دِيني ۽ دُنيوي فائدا ۽ ثمرات حاصل ٿيندا آهن اتي هڪ فائدو اهو بہ ملي ٿو تہ جڏهن والدين ان دنيا مان هليا ويندا آهن تہ اهو نيڪ اولاد انهن جي احسانن کي

ناهي وساريندو، بلڪ پنهنجي مصروفيات جي باوجود انهن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ تلاوتِ قرآن ڪرڻ، غريبن ۽ مسڪينن کي کاڌو کارائڻ، مسجد ۽ مدرسو بنائڻ ۽ دعاءِ مغفرت ڪرڻ سعادت سمجهندو آهي، جيڪي قبر ۾ انهن جي والدين جي راحت ۽ سڪون جو سبب ٿيندا آهن، جيئن

## روزانو هڪ قرآنِ پاڪ جو اِيصالِ ثواب

منقول آهي ته هڪ ڀيرو ڪنهن شخص خواب ۾ ڏٺو ته قبرستان جا تمام مُردا پنهنجي پنهنجي قبرن مان ٻاهر نڪري جلدي جلدي زمين تان ڪا شيءِ گڏ ڪري رهيا آهن، پر انهن مُردن مان هڪ شخص فارغ ويٺل آهي، هو ڪجھ نٿو چونڊي. ان شخص ان مُردي کان پڇيو ته اهي ماڻهو ڇا چُونڊي رهيا آهن؟ ان جواب ڏنو: زنده ماڻهو جيڪو صدقو، دعا، تلاوتِ قرآن جو ثواب قبرستان وارن کي موڪليندا آهن اهي ماڻهو انهن جو برڪتون گڏ ڪري رهيا آهن. ان شخص ٻيهر پڇيو: توهان ڇو نٿا چونڊيو؟ ان مُردي جواب ڏنو، مون کي ان ڪري فراغت آهي (يعني مان نٿو چونڊيان) ڇوته منهنجو هڪ پٽ حافظِ قرآن آهي جيڪو فُلاڻي بازار ۾ حلوو وڪڻندو آهي، هو روزانو هڪ قرآنِ پاڪ پڙهي مون کي بخشيندو (يعني اِيصالِ ثواب ڪندو) آهي. اهو شخص صبح بيدار ٿي ۽ انهيءَ بازار ۾ ويو، ڏٺائين ته هڪ نوجوان حلوو وڪڻي رهيو آهي ۽ ان جا چپ چُري رهيا هئا، ان نوجوان کان پڇيو ته توهان ڇا پڙهي رهيا آهيو؟ ان جواب ڏنو ته مان روزانو هڪ قرآنِ پاڪ پڙهي پنهنجي والدين کي بخشيندو آهيان، انهيءَ جي تلاوت ڪري رهيو آهيان. ڪجھ عرصي کان پوءِ ان شخص وري خواب ۾ ٻيهر انهيءَ قبرستان جي مُردن کي ڪجھ گڏ ڪندي ڏٺو، ان دفعي اهو شخص به چونڊڻ ۾ مصروف هو جنهن جو پٽ ان کي قرآنِ پاڪ پڙهي بخشيندو هو، ان کي ڏسي ان کي گهڻو تعجب ٿيو، ايتري ۾ ان جي

www.dawateislami.net

اَڪ ڪلي وئي. صبح بيدار ٿي انهيءَ بازار ۾ ويو ۽ تحقيق ڪئي ته معلوم ٿيو ته حلوو وڪڻڻ واري حافظ نوجوان جو به انتقال ٿي چڪو آهي.

(روض الرياحين،الفصل الثاني في اثبات...الخ،الحكاية السابعة والخمسون...الخ، ص١٧٧)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته نيڪ اولاد والدين جي لاءِ ڪيتري قدر فائدي مند ٿيندو آهي جو معاشي معاملات ۾ مشغوليت جي باوجود به قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري والدين کي ثواب پهچائڻ کي نٿو وساري. اڄڪلهه اڪثر ماڻهو پنهنجي اولاد جي باري ۾ اها شڪايت ڪندي نظر ايندا آهن ته اسان پنهنجو سڪون وڃائي، پاڻي وانگر پيسو وهائي انهن کي پڙهڻ لکڻ سيکاريو پر اسان جو اولاد آهي جيڪو اسان کي سلام ڪرڻ ته پري جي ڳالهه صحيح طرح سان ڳالهه ٻولهه به ناهي ڪندو، اسان جي زندگي ۾ اهو حال آهي ته مرڻ کان پوءِ ڪير اسان جي لاءِ فاتحه ۽ اِيصالِ ثواب ڪندو. ياد رکو! اولاد کي ان حال تائين پهچائڻ ۾ عام طور والدين جو قصور هوندو آهي، جيڪڏهن والدين دُنيوي تعليم ڏيارڻ ۽ هنر سيکارڻ سان گڏوگڏ پنهنجي اولاد کي حافظِ قرآن، عالمِ دين ۽ سُنّتن جو پابند بڻائيندا ته ان جا بهترين نتيجا نه صرف دنيا ۾ بلڪ مرڻ کان پوءِ به نظر ايندا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## فجر بعد مَدَني حلقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي اولاد کي نيڪ ۽ سُنّتن جو پابند ۽ انهن کي پنهنجي لاءِ صدقه جاريه جو سبب بنائڻ جو طريقو ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شامل ٿي وڃو. 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم فجر کان پوءِ ” مَدَني حَلقو“ به آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني حلقي ۾ فجر جي نماز کان پوءِ

3 قرآني آيتن جي تلاوت ۽ ترجمو ڪنزالايمان ۽ تفسير خزائنُ العرفان/ تفسير نورُالعرفان/ تفسير صِراطُ الجنان، درسِ فيضانِ سُنَّت (4 صفحا) ۽ آخر ۾ منظوم شَجره قادِريہ، رَضَويہ، ضيائيہ،عطاريہ بہ پڙهيو ويندو آهي. ان ڪان پوءِ شجري جا ڪجھ نہ ڪجھ اوراد و وظائف ۽ اِشراق و چاشت جا نفل پڙهڻ جي بہ ترڪيب ٿيندي آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شجرو شريف پڙهڻ جون گهڻيون ئي برڪتون آهن ڇوتہ ان ۾ ڪيئي بزرگانِ دِين جو ذڪرِ خير آهي جنهن جو تذڪرو رحمت جو سبب آهي. حضرت سيدُنا سُفيان بن عُيينہرَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ نيڪ ماڻهن جي ذِڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي.

(حِلْيَةُ الْاَوْلِياء،ج ۷ ص ۳۳۵رقم ۱۰۷۵۰)

اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بزرگانِ دِين جي ذڪرِ خير تي مشتمل ان مبارڪ شجري جي برڪت سان ماڻهن جون مشڪلون حل ٿينديون آهن ۽ بگڙيل ڪم سنورجي ويندا آهن. اچو! ترغيب طور هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## گهرو جهيڙن ڪان نجات ملي وئي

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي حلفيہ بيان جو خلاصو آهي تہ اسان جي گهر ۾ ناچاقيون رنجشون وڌي ويون. ڏينهون ڏينهن پاڻ ۾ڇڪتاڻ ۽ناراضگي وڌندي وئي پئي، روزانو لڙائي جهيڙي جو سلسلو رهندو هو جنهن سبب گهر جو سُڪون برباد ٿي ويو هو. سڀني گهر وارن جيان مان بہ هن صورتِ حال ڪان سخت پريشان هئس. گهر ۾ امن قائم ٿيڻ جي ڪا راهہ نظر نہ پئي آئي. انهيءَ دوران پير ومرشد، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي توجُّہ سان مون کي سندن عطا ڪيل شجره عاليہ پڙهڻ جو خيال آيو. بس پوءِ ڇا ٿيو! مون شجره عاليہ کي گهريلو رنجشون پري ٿيڻ جي نيت سان پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ شجره عاليہ پڙهڻ جون اهڙيون برڪتون

www.dawateislami.net

نصيب ٿيون جو اسان کي گھريلو جھيڙن کان نجات ملي وئي ۽ اسان جي گھر ۾ اھڙو امن قائم ٿي ويو جو ھتي ڪڏھن ناچاقي ھئي ئي نہ.

مشکلیں حل کر شہِ مشکل کشا کے واسطے
کر بلائیں رد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي کپي تہ پنھنجي فوت ٿيل ٻارن، ٻچن جي لاءِ صدقو ۽ خيرات، دعاءِ مغفرت ۽ فاتحہ خواني وغيره جي ذريعي قبر ۾ انھن جي راحت جو سامان ڪرڻ گھرجي ڇوتہ فوت شده اولاد وڏي شدت سان والدين جي اِيصالِ ثواب جي انتظار ۾ ھوندي آھي، جيئن

## غمزده نوجوان

حضرت سَيِدُنا صالح مُري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان ھڪ ڀيري جمعہ جي رات جو جامع مسجد ڏانھن وڃي رھيو ھئس تہ جيئن صبح جي نماز اتي پڙھان. آئون واٽ تي ھڪ قبرستان ۾ داخل ٿيس ۽ ھڪ قبر وٽ ويھي رھيس. ويھندي ئي منھنجي اک لڳي وئي، مون ڏٺو تہ تمام مُردا پنھنجي قبرن مان ٻاھر نڪري آيا آھن ۽ حلقن جي صورت ۾ ويھي ڳالھيون ڪري رھيا آھن، ايتري ۾ ھڪ نوجوان بہ قبر مان ٻاھر نڪتو، ان جا ڪپڙا ميرا ھئا، ھو غمگين حالت ۾ ھڪ پاسي ويھي رھيو. ٿوري دير ۾ آسمان تان ڪيئي ملائڪ لٿا، جن جي ھٿن ۾ ٿال ھئا، جن تي نُوراني رُومالَ ڍڪيلَ ھئا، اھي ھر مُردي کي ھڪ ٿال ڏيندا ھئا ۽ جيڪو مُردو ٿال وٺندو ھو پوءِ پنھنجي قبر ۾ واپس موٽي ويندو ھو. ايستائين جو ھو نوجوان ھتين خالي قبر ۾ واپس وڃڻ

لڳو مون ان نوجون کان پڇيو توهان جي غمگين هئڻ جو ڇا سبب آهي ۽ هي سڀ جيڪو مون ڏٺو ڇا ماجرا آهي؟'' ان جواب ڏنو ''هي زندھ ماڻهن جا اهي صدقا ۽ دعائون آهن جيڪي انهن پنهنجي مرحومن ڪي موڪليا آهن، جيڪي هر جمعہ جي رات ۽ جمعہ جي ڏينهن تائين انهن وٽ پهچنديون آهن. منهنجي ماءُ دنيا ۾ قاتل آهي، ان بي شادي ڪري پنهنجي مشغوليت وڌائي ورتي آهي، هاڻي هوءَ مون کي ڪڏهن ياد ناهي ڪندي،'' مون ان کان ان جي ماءُ جو پتو معلوم ڪيو ۽ ٻي ڏينهن وڃي ان کي پردي ۾ سڄي تمام معاملو بيان ڪيو تہ هوء روئڻ لڳي، ان عورت چيو: ''بيشڪ هو منهنجو پٽ هو منهنجو لختِ جگر هو.'' پوءِ ان مون کي هزار دِرهم ڏنا ۽ چيائين.'' هي منهنجي پٽ جي طرفان صدقو ڪري ڇڏجان ۽ مان آئنده ان جي لاءِ دعائون ۽ صدقا ڪندي رهنديس.'' مون هدايت مطابق اها رقم نوجوان جي طرفان صدقو ڪري ڇڏي. ٻئي جمعي ئي مون خواب ۾ ان مجمع کي انهيء طرح ڏٺو، هن ڀيري هو نوجوان بہ سفيد پوشاڪ پاتل گهڻو خوش هو، اهو تيزي سان مون ڏانهن آيو ۽ چوڻ لڳو تہ ''اي صالح! اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ اوهان کي جزاء خير عطا فرمائي، اوهان جو هديو مون تائين پهچي ويو آهي.'' (روض الرياحين ص،۱۷۸)

## اِيصالِ ثواب جي بَرَڪت سان عذاب دور ٿي ويو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ جنهن نوجوان جي ماءُ پنهنجي فوت ٿيل پٽ کي وساري دنيا داري ۾ مشغول ٿي وئي هئي، جڏهن ان کي پنهنجي لختِ جگر جي قبر جو احوال معلوم ٿيو تہ ان پنهنجي پٽ جي لاءِ صدقو ۽ خيرات ڪئي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان هو غمزده مُردو خوش ٿي ويو. تنهنڪري اسان کي بہ کپي تہ ڪهڙي ئي مصروفيت هجي پنهنجي مرحومن کي اِيصالِ ثواب ڪرڻ هرگز نہ وساريو بلڪ پنهنجي ٻارن ۽ گهر وارن کي بہ

www.dawateislami.net

ان جي ڀرپور ترغيب ڏياريو ڇوته شيطان هرگز اهو ناهي چاهيندو ته ڪو مُردو پنهنجي زنده مسلمان ڀائرن جي دعائن، صدقو و خيرات ۽ نيڪ اعمال جي برڪت سان عذابِ قبر مان نجات ماڻي وني.

اِيصالِ ثواب جي باري ۾ شيخ طريقت، اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”قبر وارن جون 25حڪايتون“ جي صفحي 11 تان هڪ نهايت پياري حڪايت ٻڌو،

حضرت ملا علي قاري عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ البَارِي نقل فرمائن ٿا: حضرت شيخ اڪبر مُحيُ الدّين اِبنِ عَرَبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ جڳهه دعوت ۾ تشريف وٺي ويا، پاڻ ڏٺو ته هڪ نوجوان کاڌو کائي رهيو آهي جنهن جي باري ۾ هي مشهور هو ته هي صاحبِ کَشف آهي. جنّت ۽ دوزخ جو به هِن کي ڪشف ٿيندو آهي، کاڌو کائيندي اوچتو هُو روئڻ لڳو، سبب دريافت ڪرڻ (يعني پڇڻ) تي چيائين ته منهنجي ماءُ دوزخ ۾ سڙي رهي آهي، حضرت سيّدنا شيخ اڪبر مُحيُ الدّين ابن عَرَبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ ڪلمو طيبه ستر (70،000) هزار ڀيرا پڙهيل محفوظ هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نوجوان جي ماءُ کي دِل ۾ ايصال ثواب ڪري ڇڏيو. فوراً اُهو نوجوان کِلڻ لڳو ۽ چيائين ته مان پنهنجي امڙ کي (هاڻي) جنّت ۾ ڏسان ٿو.

(مِرْقاةُ الْمَفاتِيح،٣/ ٢٢٢، تحت الحديث: ١١٤٢ )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! هُو نوجوان ڪشف جي ذريعي پنهنجي امڙ کي جهنم ۾ ڏٺو ته حضرت سيّدُنا اِبنِ عَرَبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ايصالِ ثواب ڪرڻ تي پاسو ئي پلٽجي ويو، جنهن حديث پاڪ ۾ ستر هزار ڪلمو پاڪ پڙهڻ جي فضيلت آهي. اُها هي آهي: بيشڪ جنهن شخص ستر هزار ڀيرا چيو: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ ،

www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ هُن جي مغفرت فرمائيندو ۽ جنهن جي لاءِ اِهو چيو ويو اُنهي جي بہ مغفرت فرمائيندو. (مِرْقاۃُ الْمَفاتِيح ج٣ ص٢٢٢ تحت الحديث ١١٤٢)

اسان کي بہ گهرجي تہ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو اسان بہ ستر هزار (70،000) پيرا ڪلمو پاڪ پڙهي ونون. جنهن جا عزيز رشتيدار وفات ڪري وڃن اُنهن کي گُهرجي تہ هِي وِرد ڪري ايصال ثواب ڪن. اها تعداد هڪ ئي ڏينهن ۽ هڪ ئي نِشست (يعني ويهڪ) ۾ پڙهڻ ضروري ناهي، بلڪ ٿورو ٿورو ڪري بہ پڙهي سگهون ٿا، روزانو گهٽ مان گهٽ 100 پيرا تہ آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

## مجلس تقسيمِ رَسائل جو تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي مرحومن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ تان ڪتاب ۽ مدني رَسالا ۽ VCD's خَريدي پاڻ بہ تقسيم ڪري سگهو ٿا يا دعوتِ اسلامي جي مجلس "**تقسيم رسائل**" سان رابطو ڪري پنهنجي مرحومن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ شادي، عرس، ٽيجهو چاليهي وغيره موقعن تي بستو لڳائي مڪتبۃ المدينہ جا ڪتاب ۽ مدني رسالا مُفت ورهائي سگهو ٿا. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي مرحومن کي وڌ کان وڌ اِيصالِ ثواب ڪرڻ جي توفيق عطافرمائي. اٰمِين بِجَاہ النَّبِی الْاَمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

بھیجو اے بھائیو مجھے تحفہ ثواب کا دیکھوں نہ کاش قبر میں،میں منہ عذاب کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان اِيصالِ ثواب جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌو تہ،

❖ پنهنجي هر نيڪ عمل جو ثواب پنهنجي مرحومن کي موڪلڻ بلڪل جائز آهي.

www.dawateislami.net

- اِيصالِ ثواب جي لاءِ ڪاڏو ڪارائڻ صحابہ جي سُنت آهي .
- اِيصالِ ثواب جي لاءِ پاڻي جو اهتمام ڪرڻ بهترين صدقو آهي .
- اِيصالِ ثواب نُور جي ٿالن ۾ ريشمي رُومال سان ڍڪي مرحومن کي پيش ڪيو ويندو آهي.
- اِيصالِ ثواب سان مرحومن کي راحت ۽ سڪون ملندو آهي.
- اِيصالِ ثواب عذابِ قبر کان نجات جو ذريعو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

ان سب مبلّغوں کے خوابوں میں اب کرم ہو آقا جو سنّتوں کی خدمت بجا رہے ہیں

## قبرستان جي حاضري جا 16 مدني گل:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخ طريقت،اميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَوْلانا ابُو بلال محمّد الياس عطّار قادِرِي رَضَوِي ضِيائي جي رسالي 163 مدني گل صفحي نمبر36 تان قبرستان جي حاضري جا مدني گل ٻڌون ٿا:❖فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوتہ هي

1... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٢/١،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

دنيا مان بي رغبتي جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (ابن ماجه،۲۵۲/۲، حديث ۱۵۷۱) (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن به مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ چاهيو ته مستحب هي آهي ته پهرين پنهنجي گهر (غير مڪروهه وقت) ۾ ٻه رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُ الفَاتِحه کان پوءِ هڪ ڀيرو آيةُ الكُرسِي ۽ ٽي ڀيرا سورةُ الاِخلاص پڙهي ان نماز جو ثواب صاحبِ قبر کي پهچائي، الله تعاليٰ ان فوت ٿيل شخص جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائيندو. (فتاوي هنديه،۳۵۰/۵) ❖ مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي وات تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نه ٿيو. (ايضاً) قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڃو جتي ماضي ۾ به ڪڏهن ڪنهن مسلمان جون قبرون نه هيون ،
”ردالمحتار“ ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ٺاهيو ويو ان تي هلڻ به حرام آهي. (رَدُّ الْمُحتار ،۶۱۲/۱) بلڪ نئي رستي جو گمان هجي تڏهن به ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهه آهي. (دُرِّ مُختار ،۱۸۳/۳) ❖ ڪيئي اوليائن جي مزارن تي ڏٺو ويو آهي ته زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ويهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحه پڙهي وٺو. ❖ قبر جي زيارت ميّت جي چهري جي سامهون بيهي ڪري ۽ ان (يعني قبر واري) جي پيراندي واري پاسي کان وڃجي جو ان جي نگاهه سامهون هجي، سيراندي کان نه اچي جو ان کي مٿو ڪٽي ڏسڻو پوندو. (فتاويٰ رضويه،۵۳۲/۹) ❖ قبرستان ۾ انهيءَ طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پُٺ ۽ قبر وارن جي چهري ڏانهن منهن هجي ان کان پوءِ چوي: اَلسَّلامُ عَلَيكُمْ يا اَهْلَ الْقُبُوْرِ يغْفِرُ الله لَنَا وَلَكُمْ اَنْتُمْ لَـنَا سَلَفٌ وَّنَحنُ بِالْاَثَرِ يعني: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان

www.dawateislami.net

ڪان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان ڪان پوءِ اچڻ وارا آهيون. (فتاويٰ هندية، ٥ /٣٥٠) ❖ قبر جي مٿي اگربتي نہ ٻاري وڃي هن ۾ بي ادبي ۽ بد فالي آهي (۽ هن سان ميت کي تڪليف ٿيندي آهي) ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو تہ) قبر وٽ خالي جڳهہ هجي اتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب آهي. (فتاويٰ رضويه،٩/٤٨٢، ٥٢٥ملخصاً) ❖ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نہ رکو جو اهي باهہ آهن، قبر تي باهہ رکڻ سان ميّت کي اَذِيّت (يعني تڪليف) ٿيندي آهي، ها رات ۾ راهہ هلندڙن جي لاءِ روشني مقصود هجي تہ قبر جي هڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سنتيں اور آداب"،رسالو "163 مدني گل" ۽ "101 مدني گل" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ بغور انهن جو مطالعو فرمايو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِي عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ الله

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.[3]

---

[1] ...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات علی سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[3] ...القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترہيب،كتاب الذكر و الدعاء،۲/۳۲۹،حديث:۳۰

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

[3] … تاريخ ابنِ عساكر،۱۹/۱۵۵،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net